آوازِ اخلاق عرف سنڌي پهاڪا

Voice of Ethics
Sindhi Proverbs

ڪوڙومل چندن مل کلناڻی

Koaromal Chandanmal Khilnani

Al Muna'um

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (176) **”آواز اخلاق : سنڌي پهاڪا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **ڪوڙومل چندن مل کلناڻي** جو لکيل آهي جيڪو ورهاڱي کان اڳ ڇپيو.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن قيمتي ۽ ناياب ڪتاب کي ٻيهر اسان تائين آندو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وسڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

ڪتاب ۽ ليکڪ بابت

ديوان ڪوڙومل جي لکيل هن ڪتاب جي، گھڻي عرصي کان طلب ۽ تلاش هئي پر ڇاپي صورت ۾ ملي نہ پئي سگھيو. قوي توقع اها پئي رهي تہ شايد ڇاپي ڪتاب هن وقت دنيا ۾ ناپيد ٿي چڪو آهي. هاڻي بس ان بابت فقط ڪتابن ۾ تذڪرو پيو ملندو. شابس هجي سچل ڪاليج نواب شاھ جي هونهار ليڪچرار جناب محمود ڏاهري صاحب جن کي، جو ڪوڙومل تي ريسرچ جو ڪم هٿ هڻڻ سبب، پاڻ سندس بين ڪتابن سان گڏ هيءُ ڪتاب بہ فوٽو ڪاپيءَ جي صورت ۾ هٿ ڪيو اٿائون. نيٽ ذريعي ساڻن ڄاڻ سڃاڻ ٿي هئي. فون تي رابطي بعد ٻڌايائون ۽ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي پڻ ڏياري موڪليائون.

ان ڪتاب جي ڪين فوٽو ڪاپي. علامہ داؤدپوٽو لائبرري حيدر آباد مان هٿ آئي. اهو ڪتاب بنام آوازي اخلاق (پهاڪا جي نالي سان جريان نمبر ١٧۴ تي رکيل آهي.

ڪرائون سائيز جي ۴٩ صفحن واري هن ڪتاب جو سرورق، جنهن ۾ ليکڪ، ڇپائيندڙ اداري، ڇپيندڙ پريس جو نالو ۽ سال ڄاڻايل هوندو آهي، موجود ناهي. تنهن هوندي بہ منڍ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ڪتاب آوازِ اخلاق آهي ۽ ان جو ليکڪ يا گڏ ڪندڙ ديوان ڪوڙو مل ڪلناڻي(1844ع— 1916ع) آهي.

بهرحال هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي مهيا ڪرڻ تي هيءُ ادارو جناب محمود ڏاهري صاحب جن جو بيحد ٿورائتو آهي.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

پهرئين ڇاپي جو مقدمو

(ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي)

اصل هر هڪ پهاڪو ڪِئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪِئن ڪم آڻجي تنهنجي لاءِ بيان ڏيڻ جو ارادو هوم. ائين ڪجي ها ته ننڍي وڏي سيکڻهن کي اُنهن جي ڪم آڻڻ جي پوري سڌ پئجي وڃي ها ۽ جئن ڪي ڪي ماڻهو پوري مطلب نه سمجهڻ ڪري بي موقع يا اڻ نهندو پهاڪو لکي يا چئي وهندا آهن تيئن نه ڪن ها پر ائين ڪجي ها ته ڪتاب اهڙو وڏو ٿي پوي ها جو غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي ڪين سگهي ها. ۽ هنن پهاڪن کي ڇپائي پڌري ڪرڻ جو جيڪو مطلب آهي سو هٿ ڪين اچي ها. تنهنڪري رڳا پهاڪا لکيا اٿم ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڪجھ سولائي ٿئي تنهن لاءِ اوکن لفظن جي معنيٰ به ڏني اٿم. مگر انهن کي ڪِئن ڪم آڻجي تنهن لاءِ سيکڻ پنهنجي خيال ۽ هوش تي هلي.

اڳي به هڪڙو ننڍڙو پهاڪن جو ڪتاب ڇپيل آهي. ان ۾ پهاڪا ٿورڙا آهن ۽ ٻيو هڪڙو پهاڪن جو ڪتاب به ٺهيل آهي پر اُهو اڃان ڇپيو ڪين آهي ۽ اُن ۾ به پهاڪا ٿورا آهن. مون اٺ سؤ پهاڪا گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ لکيا آهن. سيکڻ هي ڪتاب وٺي سگهي تنهن لاءِ رڳو خرچ ساري ان جي تمام هلڪي قيمت ٺهرائي ويئي آهي.

ڪي پهاڪا جيڪس اُگهاڙا ڏسڻ ۾ ايندا، فحش يعني لفظ ڪجوڙا يا نا شائستا ڏسڻ ۾ ايندا پر جڏهن پهاڪن جو اهو مطلب آهي ته جنهن ملڪ ۾ اُهي چوڻ ۾ اچن ٿا تنهن جي ماڻهن جي حالت ۽ سڌارو اِنهن مان معلوم ڪجي تڏهين جيئن پڌرا آهن تئن جو نه لکجن. اياڻو ڇوي سياڻو ويچائي. انهن وانگر سياڻا ۽ سمجهو ماڻهون اِنهن مان صاف داڻا ڪڍي ٿُهَ ڪٽي ڦٽا ڪندا.

پهاڪن جي چونڊ ۽ سٽ ۾ مون پنهنجي وس آهر گهٽتائي ڪا نه ڪئي آهي. پر تنهن ڪندي به هن ۾ پڙهندڙن کي ڪي عيب ڏسڻ ۾ اچن ته وڙ ڪري معاف ڪن ۽ انهن کي سنواري ڇڏين ڇو ته انسان نيٺ خطا جو گهر آهي.

ڪ چ ڪ

پهاڪا

الف

1. آزمائي کي آزمائي سو چائي منهن ۾ پائي.
2. اب جو ڏنو نہ پري، رب جو ڏنو پري.
3. اپ ۾ تڪ اچلائي سو منهن ۾ جهلي.
4. اپ ڦاٽي کي بہ ڪڏهين اگڙي پيئي آهي.
5. اتو جي گهوٻاٽو.
6. اتو ڪاڏو ڪئي مار پيئي گابي تي.
7. اٽ جي چاڙهيءَ کي بہ لعنت، لاهيءَ کي بہ لعنت.
8. اٽ پنيان گهنڊٽي.
9. اُٺ جي وات ۾ جار جي باس.
10. اُٺ جي وات ۾ زيرو.
11. اُٺ پوڙهو ٿيو تہ بہ مُتڻ نہ سکيو.
12. اٺ ڪراڙو، تہ بہ ۾ ڪنوات لهي.
13. اٺ نہ پڇي، ٻورن هٽي لتون.
14. اٺان ميهان دا ڪيها ميلا، اوهِ چرن پٽ تہ اوهِ چرن ٻيلا.
15. اُٺ جي وات ۾ لوڻ تہ بہ رڙي، ڪنڊ تہ بہ رڙي.
16. اٺ چڙو بہ رڙي، پريو بہ رڙي.
17. اُٺ، پنهنجي مُٽ ۾ ترِڪي.
18. اٺ جي چوري بہ ڪا پکي ۾ لڪي.
19. اٺ کي لاٽو گهوڙي کي داٽو، مرد کي ناٽو محبوب کي ماٽو.
20. اٺ چڙهئي بہ ڪو نانگ کائي!
21. انن جا بار بہ ڪي گڏھ ڪٽن.
22. انين پيڙهي، اُٺ ماڪوڙو ماسات.
23. آپ نہ پالي، پالي ڏون، چوهر جائو ڏڪان ڏون.
24. اپٽا مال هئي روئسان بہ کائسان بہ.
25. اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيويئي.
26. اجاڻ کي، جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي.
27. اجا مينهون جهنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رچ (ڪير ڏهڻ جو ٽاڻُ)
28. اجا جنڊ ڪين سسئي.
29. اجياري پيئندي، چڪياري ڪين پيئندي.
30. اجا ڪپڙا ڪيسا خالي.
31. اچي پڳ مَر پس، اندر مزيئي اگڙيون.
32. اڏ کي ڇڏي سڄيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڏ بہ وڃي.

33. اڏارو ڏجي تنهن کي جنهن کان گهرجي نہ، اڏارو ونجي تنهن کان، جو گهري نہ.
34. آرڙهہ جي تتي ڏينهن ساوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات شال نہ پوي هنگڻ تات.
35. استاد جي مار چوکر سنوار.
36. اکن کان تہ آمان گهري.
37. اک نهيئي کا نہ کبڙ خان چند ڏنو.
38. اکرين ۾ مٺا وجهن، سي مهرين کان کئن ڏڄن.
39. اگ ڪشا نہ ڪشا پوءِ کوکون ڪن.
40. اڳي بہ ان هو پوءِ بہ ٿيو ان، ڪانون ۽ پن ويو اچونئي نکري.
41. اڳياڙي سُرهي تان جڏهين پڇاڙي سُرهي ٿئي.
42. اڳين پاٽي، پوين چڪا (گپ).
43. اگهہ ۽ ڳپ جي سڌ الله کي.
44. اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وَٽ ڪٽيو نہ ڪائجي.
45. اگهائي تہ ڪچ نہ تہ ماٽڪن موٽ ٿئي.
46. اگر جاٽن، لهر جاٽي.
47. اگرن پيني، هٿ ڪارا.
48. آمون، ڏهہ گامون (وڪ).
49. اَن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس.
50. اَن پَلي، ذات پلي.
51. انبان بور، ڪلالان لاها.
52. انبن جون سکون بہ کي انبڙين مان لهن.
53. اندر اچو نہ ڪري، ڏوئي تہ ڏاڳا.
54. اندر ٻڏ(ان جي پاڙ جنهن کي ڪٽي غريب ان جي ماني پچائيبندا آهن) ٻهون(گهٽو)، ٻاهر آٽڻ ان جو.
55. اند ڏند نگري چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي ٽڪي سير کاڄا.
56. اند وٺ مند وٺ پر نند وٺ.
57. انڌا رکن روزا، تڏهين ڏينهن بہ ٿين وڏا.
58. انڌن ۾ ڪاٽو راجا.
59. انڌن آندو، ٻلن چٽيو.
60. انڌن وجي ملتان لٽو آهي.
61. انڌن جي وهاءِ، مندا نچن تندا پائن ڦيريون.
62. انڌو هنگي ڪُڏ تي، چي: مونکي ڏسي ئي ڪو نٽو.
63. انڌو چوکر لائو ڏوڪڙ تڪاٽي جي ارداس.
64. انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.
65. انڌو اڻ سونهون، ٻئي هڪڙي آچار.
66. انڌو گهري الله کون بہ اکيون.
67. انڌي اڳيان آهري ڪر تئو تنگيو آهہ.
68. انڌي جي جوءِ جو واهي الله.
69. انڌي پيهين ڪٽي چٽي.

70. انسان، خطا جو گهر.
71. اڻ گهريو، ماءُ به پٽ کي ٻبو نه ڏئي.
72. اُٺتيهه راتيون چور جون، ٽيهين رات ته ساڌ جي به آهي.
73. اڻ سرنديءَ هر ڪو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري.
74. اُٿائي به وئي، ٽٽائي به وئي، وري ڪپهه جي ڪپهه.
75. اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڊوئيندا.
76. اُٺندو اها، جا ڪوريءَ جي من ۾.
77. اهاري(ڪاڻ)، وهنواري(ڏيتي ليتي)، تيون گهوٽ مهاري(گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ جي جاءِ) لڄا ڪري ته هاري.
78. آهر ڪٽي اوبٽي، رن وڃائي رنبو.
79. آهر جي وڏائي ڪني پات تي آئي.
80. اها زبان پٽ تي وهاري، اها زبان ڪٽ تي وهاري.
81. آهر جي آسري، جهنگ نه چنائون.
82. اهڙو ڪم ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.
83. اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن ڇني.
84. اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.
85. آئي ڪي آدر، وئي ڪي جيءُ.
86. آئي ٽانڊي ڪي، ٻورچياڻي ٽي ويني.
87. آئي سڱن ڪي، ڪن به ڪپائي ويئي.
88. آئي ته روچي(روزي)، گئي ته بلا.
89. اياٽو چوي، سياٽو ويڃائي.
90. ايڪ پنٿ، دو ڪاج.

ب

1. بادشاهين پوندي معاملي ڄتي ڪير ويچاري.
2. باسڻ هڪڙو ڪٽي، ٺڪر گهٽن ڪي اچي.
3. ٻچڙو ڪتو، ڏٽي پرائي.
4. ٻختاورن جا ڍڳا به ويامن.
5. ٻڙا کهاوڻ ٻڙا دک پاوڻ جوتي کا دک دور.
6. ٻک وچان اگهڙ ياد ئي نه.
7. ٻک ٻچڙو ٽول، دانا ديوانا ڪري.
8. ٻکيي کي ٻصر سان روٽي رکيائي سيري کان سواد ۾ ڏيڍي سوائي.
9. بندرو ٻڌي سندرو ته وڃي سپ کان اڳرو.
10. ٻندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي.
11. بي عقل جي بلا دور.
12. بي عقل دوست کان داناءُ دشمن چڱو.
13. بيڪار کان، بيگار ڀلي.

ٻ

1. ٻہ پائر، ٽيون ليکو.
2. ٻہ ترارون هڪ ڪپ ۾ نہ ماپن.
3. ٻہ تہ ٻارنهن.
4. ٻہ شينهن هڪڙي ٻيلي ۾ نہ ماپن.
5. ٻہ ڳدرا مٺ ۾ ڪين اچن.
6. ٻابل (پريو مڙس، ڳوٺ جو مکي) آچاري، پر ڪو مڃي.
7. ٻارڻ ٻهون ڪجن تہ ٻہ رڙا (مٽر يا مڱ جا داڻا جي ڳرن ئي نہ) ڪين رجهن.
8. ٻانيڻ ٻڪري، در تي ڦڪڙي.
9. ٻائي ٻير، اڍائي سير.
10. ٻائي جو ٻائو، ٽيوڻ جو ٽيوڻ.
11. ٻاهران چڪي مکي، اندران ٻڙ ٻڙ دکي.
12. ٻبرن کان ٿو ٻير گهري.
13. ٻڌي ماڻهون جو ٻہ ٽئي ڏينهن ڏس پوي.
14. ٻڌي ٻيڙيءَ جو لوهہ ٻہ چڱو.
15. ٻڌي ٻيڙيءَ مان هريڙون ٻہ چڱيون.
16. ٻري تيل ڪامي وٺ، واهہ ڙي ڏيا واهہ.
17. ٻڪري کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.
18. ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي سو وڻ چري.
19. ٻڳها (ٻگهہ پکي) ڪوهہ ٻجهن تہ سپئن ۾ چا سنپجي.
20. ٻليءَ کي خواب ۾ ٻہ ڇيڇڙا.
21. ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.
22. ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا.
23. ٻن ٻيڙين تي پير رکجي تنهن جون ڄنگهان چيرجن.
24. ٻوڙو ڪلي ٻہ پيرا.

ڀ

1. ڀاڙي ۽ مسواڙ جوڪاٺو ڪونهين.
2. ڀتين کي ٻہ ڪن آهن.
3. ڀٽ ڀئي نہ ڏججي ڀٽ جي ڀٽائي ڀئي ڏججي.
4. ڀڄ چريا، مست آيئي.
5. ڀڄندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾.
6. ڀريءَ چنيءَ ڪان، ڀيري چنو چڱو.
7. ڀرئي اٺ تان، وڄڻي لٿي تہ ٻہ چڱي.

8. پڳڙن ڪاڏي هٿ ڏوتا پيا آهن.
9. پڳو گهڙو ڏئون ڏئون ڪري.
10. پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي.
11. پلي پاڻ آئي، سا ٻه پلي.
12. پلئي واٽئي گهر ڳڙ ڪاڏو.
13. پنگان چيز ٻڏن، لنبي رووي ڪٽڪ ڪون.
14. پنگي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪيفي دي جوءِ ايوين آکي: ماريا هٽ نه هووي.
15. پينر پنيوران جي پڳيون سي چٽيون.

ت

1. تاڙي، هڪ هٿي ڪين وڄندي آهي.
2. تِر جي گٽي، سؤ چوٽون ڪائي.
3. تڪڙ ۽ طمع چا ڏجي.
4. تڪڙ، ڪم شيطان جو.
5. تڪڙي ڪتي، انڌا گلر ڄڻي.
6. تڪڙو ماڻهو، ٻه پيرا هنگي.
7. توڙي وڃي روم، ته به ماني ۽ ٿوم، لکي لوح قلم ۾(نصيب ۾).
8. تون آکيسين(چوندين) مئن نه مڃيسان، مين بازي ڪٽي.
9. تون پؤنڪ ميڪون ننڊرا آوي.

ٿ

1. ٿڌو گهٽو پاڻ کي چانوَ ۾ رکائي.
2. ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي.
3. ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت.
4. ٿوري گرهين، گهڻو ڪاڄي.

ٽ

1. ٽنونءَ کي تارو، تازيءَ کي اشارو.

ٺ

1. ٺڙ ڪجي نڪاءُ ڪجي اڳلو نه پڇجي ته پاڻ پڇجي.
2. ٺلهو ڇڙو(گهنڊٽي) وڃي گهڻون
3. ٺونٺ لڳي، ساهيڙي پڳي.

پ

1. پاپ کي مايا، پراڇت جاءِ.
2. پاڻ نہ پاري، ڪتا ڌاري.
3. پاڻ نہ پلي سسئي، لوڪان متيون ڏئي.
4. پاڻ پنڻ، گهوڙا ڳنهڻ.
5. پاڻي ۾ باهہ، تورو ڪري نہ ڄاڻجن.
6. پاڻيءَ کان اڳي ڪپڙا نہ لاهجن.
7. پاڻي پي نہ ذات پڇجي.
8. پائجي تہ وڏي ڍيران پائجي.
9. پاهڻ ڪنئرا ها تہ هوند گدڙن کائي ڇڏيا.
10. پٽ نهن تي پاڻي آهي.
11. پٽ پراڻو تہ بہ ڪو جنڊ جو نائو.
12. پُٽ ڪپُٽ، پينگهي ۾ بہ پڌرو.
13. پٽيندئي پيٽ کي ويو ڄمارو ڇٽ، هو جو مٽي ڪٽ سو پڻ پٽي پيٽ کي.
14. پڇڻا: نہ منجهڻا.
15. پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پُنگو نہ ڍاهجي.
16. پرائي دهلين، احمق نچي.
17. پرائي پلاءَ ڪان، پنهنجو پيٽ بہ ڇڱو.
18. پرائي ڏيو تان ڪارڪ بہ ڇڱي.
19. پرائيءَ ڏيءَ تان ڏڪو بہ ڇڱو.
20. پرائي آس: ڪني جي لاس.
21. پرائي پٽ کي چمئي ڳگ پرجي وات.
22. پراڻي ڳوٺري بربلا ٽڪا.
23. پرجا سکي تہ راجا سکي.
24. پرڻ چوي ڏونگهي کي: وڃ ٿِہ- ٿونگا.
25. پڙهي پاڻ نہ ڄاڻي، ماري ڪتابي.
26. پڙهڻ ترڻ تير هٽڻ، چوٿين سواري، نندي هوندي نہ سکي، وڏي خواري.
27. پڙهي پارسي وڪڻي تيل، ڏسو هي قسمت جو کيل.
28. پڳ کان بٺانو ڊگهو.
29. پلا ڇڏي پاپي ڪو ڪتل ڪڳا کائي
30. پلو سيري کان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ پلو ڳوڏا کوڙي کاءُ.
31. پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن.
32. پنڻ وچان پڙهڻ ياد نہ آهي.
33. پنئي مڱئي گهر هلي تہ کهہ اڌاري وات.
34. پوءِ ڊائي کان قرض نہ ڪڍجي توڙي لک لٽائي.
35. پهرين پيٽ پنجو، ڇوي ٻار ٻچا سپ پوءِ.

36. پنهنجا ڍهل، پنهنجا ڏؤنڪا.
37. پنهنجي گهر، ٻلي ٻہ شينهن.
38. پنهنجي ڪِئي جو، نڪو ويچ نڪو طبيب.
39. پنهنجي ڏنئري کي ڪير کٽو نہ چوي.
40. پنهنجي سوڙ آهر پير ڊگهاڙجي.
41. پنهنجي ٿوري، پئجي گڏهہ کي پيري.
42. پهير ٿئي چور تہ واهي ڪيترو وهي.
43. پئنچان نال ايڪا دشي
44. پيٽ ۾ ٻک، مونن ۾ چار-اوڳرائي.
45. پيٽ ۾ ٻک، ارهہ ۾ آڪڙ.
46. پيٽ ڏون ٻانهين، چنتا ناهين.
47. پيادن مان هسوار هسوارن مان پيادا.
48. پيٽ پر، پنيءَ لڌ.
49. پيتي پٽ ٻہ ڪاچ ڪاري.
50. پير ڪان ٻہ ويساهہ وڏو.

ق

1. قاڙهو جاتي ڪائي، اتي اوجهہ ڏئي(مري).
2. قِٽِ ٻجو ڪچ، پر گيهہ ذرو ڏچ.
3. قرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هڪ.
4. قَرَ ڪان اڳي، جر نہ ڪيجي.
5. قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ.
6. قل نہ قل جي پاڪري.
7. قلهر ۾ تو قوڪون ڏئي.
8. قورو نہ قولهي شال سنئين پئي صراف کي.

ج

1. جا ٻندي کي ٻار سا صاحب کي ستري.
2. جاتي وڻ نہ آهي، تاتي ڪانڊيرو ٻہ درخت.
3. جاتي ڪير تاتي ڪند، جاتي جهڻ تاتي لوڻ.
4. جا جائي نہ هوندي سا مرندي ڪتان.
5. جاڏي وجي واڳهو، تاڏي پاٽي تانگهو.
6. جاڏي پوي جهار(پکين جي گولري) تاڏي ڳوڙهو نہ هٽي.
7. جاسين للو(نالو) ڪٽي لٽ، تاسين ڪرهہ(جهيڙو) اُجهاٽي.

8. جاسين ڍائو مٽو ڪنهي، تاسين ٻڪئي جو مٽو وڃي.
9. جا مڙسي مڙسن ۾ سا مارئي ۾ نہ آ.
10. جاهلن جواب آهي ماٺ مني.
11. جائين لنگهيا پيٽ تہ پٽهن ڏاڙهيءَ موچڙو.
12. جاءِ ڇئي تہ جوڙائي ڏس، شادي چوي تہ ڪري ڏس.
13. جبل سان مٿو هٽبو تہ نيٺ مٿو ڀڄندو.
14. جتي ٻاهہ ٻري، تتي سيڪ اچي.
15. جتي اٺ ترندو اُتي پڇ بہ ترندو.
16. جتي پڇڻ ڪم ناهہ، تتي پڇڻ ڪم وريام جو.
17. جتي ويڙها، تتي جهيڙا.
18. جڏهين تڏهين چورڙاميءَ وهاڻيءَ رات
19. جڏهين آٽر تي سبيا تڏهين گڏهن تي رنو.
20. جڏهين ٻورا تي سبيا تڏهين اُنن تي رنو.
21. جڏهين ڏند هئا تڏهين حلوو نہ هو، جڏهين حلوو آهي تڏهين ڏند نہ آهن.
22. جڏهين ڳوهہ کي موت ڪٽي تڏهين ڳولي شڪارين جا گهر.
23. جر (پاڻي) نئيس جيڏي نہ نئيس.
24. جڙيءَ کي جس.
25. جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن کٽي ڪن هاري.
26. جن جي پلو ۾ داڻا سي چريا ئي سياڻا.
27. جنبي وار، ٻٽ (ڦلن/ ڦڳڙن ڀڄڻ جي ٺئي) ٻي وار.
28. جنهن ايرندي تاءُ نہ ڪيو، سو الهندي ڇا ڪندو.
29. جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس بہ ڏيندو.
30. جنهن ڪاڻ اڳي هلي ٻيهجي، تنهن سان گڏيو چو نہ وڃجي.
31. جنهين سنڌي منهين (اوطاق)، تنهين جو آچار.
32. جنهنجي ويلا (وقت)، تنهنجي رکيا.
33. جنهن جي هيڪار ڪيائين ڪوڙي ٿي، تنهين جي ٻيهار سچي ساک نہ وسهان.
34. جنهن جي واٽ نہ وڃجي، تنهن جو پنڌ بہ نہ پڇجي.
35. جنهن جي ساهہ ڪنئي ڪل ڪا نہ پوي، تنهن کي سور ڪيهو سلجي. جو سنڌي سمجهي ڪينڪي تنهن سان هندي ڇا هلجي.
36. جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري تان گهاٽو پري.
37. جنهين ڪاڻ مياس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا.
38. جنهن جي ماني تنهن جي ڪاني (ڪرامت).
39. جنهن جو ٻڻ ٻڇڙو، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي.
40. جنهن جو پيءُ ماءُ جيئرو، تنهنکي چورو ڪيئن ڇئجي.
41. جو ڍيري گڏهہ رکپال.
42. جو واءُ جبل اڏائين تنهن جي اڳيان ڪپهہ ڇا آهي.
43. جواريءَ ميني هار.

44. جوا هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو ۽ کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.
45. جوَ پوڪي، ڪٽڪ ڪو نه لڻندو.
46. جو تيرا سو ميرا جو ميرا سو اين اين.
47. جو اُٿي سو ارجن.
48. جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهه مقام.
49. جهڙا روح، تهڙا ختما.
50. جهڙا ڪانو، تهڙا ٻچا.
51. جهڙو ڏيس، تهڙو ويس.
52. جهڙو منهن، تهڙو موچڙو.
53. جهڙو سمر آپڻو، تهڙو مِٺُ نه ڪو.
54. جهڙي سٽ، تهڙيون ٽي ويهيون.
55. جهڙي ٻني تهڙو ٻج، تنهنجي سلي پئہ نه ڏڄ.
56. جهڙي پٽ، تهڙو ڇٽ.
57. جهڙي نيت، تهڙي مراد.
58. جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي.
59. جي پوندا سوڙهين تن لڳندا سيلهہ.
60. جي وسي چيٽ تہ ان نہ ماپي ڪيٽ.
61. جي جڏهين ڀڳا سي تڏهين ڇٽا.
62. جي نہ وڄجي پاڻ تہ نينهن نياپي نہ ٿئي.
63. جي جڏهين چڙهيا سي تڏهين سوار.
64. جي گهڙيا، سي چڙهيا.
65. جي هٽن، سي ڪٽن.
66. جي ڄٽين، سي نپائين.
67. جيءُ خوش تہ جهان خوش.
68. جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.
69. جيڏا ڏوتا، تيڏا پوتا.
70. جيڏو پٽ (ڪشتي جنهن ۾ فقير پنندا آهن)، تيڏي بکيا.
71. جيڏي رات، تيڏو سپنو.
72. جيرو تہ لک جو، مئو تہ کک جو.
73. جيري لاءِ ٻڪري نہ کهجي.
74. جيڪا ڏاريان ٻڪري تنهن لمندا ڪن.
75. جيڪي چٻيو، سو ڦٻيو.
76. جيڪي ڏسي چار، سو ڏسي ميڙ (مهاڻو) تہ ڦاٽي مري.
77. جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.
78. جيڪي کوهہ ۾ هوندو، سو آهَ (حوض) ۾ پوندو.
79. جيڪي لکيو منجهہ ازل تنهن کي ڪير وجهي جهل.
80. جيڪي هوندو ياڳ ۾ سو وهي پوندو پاڳ ۾.

ڄ

1. ڄاڱرا ۽ ڄار، اگهه مڙيوئي هڪڙو.
2. ڄاڻي وڃونءَ جو منڊ به نه، هٿ وجهي نانگن ۾.
3. ڄڀ جي ترڪڻ کان، پير جو ترڪڻ چڱو.
4. ڄٽ جي عمر: اڍائي ڪتا.
5. ڄٽ جي ڄمار: ملوڪ جي رات.
6. ڄٽ بڪيو موري ڪائي بک گهٽيري لائي.

جهه

1. جهونا تيا جهاز ستون نه سهن سڙهه جون.
2. جهونا ڪپڙا ٻوڍا ڍور تسڪا ناٽا ليگيا چور.

چ

1. چاڪرن جي اڳيان چوڪر.
2. چاڪريءَ چور، نِوالي حاضر.
3. چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاٽي ڏاري.
4. چِت ۾ چوتو، مدعي رد.
5. چِٽي ڏاڙهي ناڻُ دلبر.
6. چريا چرين گڏيا: ادا عيد مبارڪ.
7. چرين جا پور، مٽن جا سور.
8. چرين کهڙا چت، مئن کهڙا مامرا.
9. چريي کان پڇيائون ڪي چڱو آهي جي ويران وڌ.
10. چريءَ ڪي چوڙو ڪڏهين تنگ ۾ ڪڏهين ٻانهن ۾.
11. چغلي آهي جهيڙي جي ماءُ.
12. چڱا سي، جن جا پويان چڱا. چوٽي322
13. چڱائي ڪر چٽ سان ته چٽ ڦيري هٽي پٽ سان.
14. چڱو ڪر ته چڱو ٿيئي سودو ڪر ته نفعو ٿيئي.
15. چڱو جن لکيو مدو سي نه پسن، توڙي رڻ رهن ته به ڪندون ڪائين ڪير سان.
16. چلهه تي، سو دل تي.
17. چنڊ ڪي پهرين ڏهي (تند يا ڪچو ڌاڳو)، پوءِ سڄي پاڳ.
18. چنون به چوي ته مون ڪي ڪير سان ڪائو.
19. چورن جا پائر: ڳنڍيڇوڙ.
20. چورن مٿان مورَ پيا اڌ ورهائي ڪٽي ويا.

21. چور جي ماءُ چلھ پٺيان روئي.
22. چوري نہ موري (سائي ٽي)، موري تہ بہ گھوري.
23. چوڻ ۽ ڪرڻ ۾، وڏو ڦير آهي.
24. چوٽو (حياتي)، نہ اوٽو.

ڇ

1. ڇتي ڪتي جي دوا: ڇتر.
2. ڇٽي لولي ڪتڻ ڪان.
3. ڇڏ منڊو واريءَ ۾.
4. ڇوڪر ڇتي ذات، ڀون ڀون ڪن ڀڳت ۾.

ح

1. حجتي، لعنتي.
2. حلوي حلوي چوندي بہ ڪڏهين وات مٺو ٿيندو آهي.
3. حمائتڻ ڳڏهہ عراقڻ (عربي گهوڙي) کي لتون هڻي.
4. حيلي رزق، بهاني موت.

خ

1. خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿئي.
2. خريدار ڪڪڙن جو پڇي هنداڻا.
3. خون ڪتوري، ڳجهو نہ رهي.

د

1. دال روٽيءَ ڪاڏي ڏن ڪتي تہ ڪتڻ ڏينس.
2. دائي ڪان ڪو پيٽ ڳُجھو آهي.
3. درياهہ پر تي چوکر ڪڏي، اڇ نہ ٻڏي سيان ٻڏي.
4. دل کوٽي، عذر گهڻا.
5. دل جي ڪارائي ڪان منهن جي ڪارائي چڱي.
6. دم دال جو، آڪڙ پُلاءَ جي.
7. دم درميان، صاحب مهربان.
8. دولتمندن جا ڏاند بہ ڏين.

9. دولت نهن کان ماس وڇوڙي.
10. دو دل راضي تو ڪيا ڪريگا قاضي.
11. دويتا نهين جي پورا تول.
12. دير پيا، درست ٿيا.
13. ديس چوري، پرديس بکيا (پن).
14. ديوان جو دم، دمڙيءَ جي دال تي.

ڏ

1. ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند جي، ته به اصُلُ انهي پار جو ڏينا ڏيکاري.
2. ڏڙ ريڍو، سسي ٻاڪري.
3. ڏُکو ڪٽجي پاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.
4. ڏن رک ڏوڙ ۾ ته چمڪاٽ ڏئي نور ۾.
5. ڏٽي ري ڏڻ سڃو، ڏڻ ري سڃو ڏٽار.

ڏ

1. ڏاڍن جون جهنگ مون واتون.
2. ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا.
3. ڏاند چڙهئي تي ڏک ڏسي.
4. ڏاندن ڳاهه مردان ڏکا، زالان ساهه پنڌ وچ سکا، گهوڙا ضبط ڪنان وچ لڪا.
5. ڏاهو ڪانوُ، ٻه- چنگهو ڦاسي.
6. ڏاهو ڪانوُ ڪائي گونه، پوري بلبل ڪائي شڪر.
7. ڏائڻ هلي مڙدا ڪيڻ، مڙدن ڪيڙا به لاهي ورتس.
8. ڏبري ڏور کي، مچر گهٽا.
9. ڏبري جو ڏٽي، سويرو پلاٽي.
10. ڏٿ نه ڪُتو، ڏوٽي ڪتا.
11. ڏنو پير، پُني مراد.
12. ڏنو سي وسار، اڻ ڏني کي ياد ڪر.
13. ڏُچر گهوڙو، سچر زال ٻئي ٻن پيا.
14. ڏڌو کير، ٿڻين نہ پوي.
15. ڏڏن جو ٻہ ڏاتار.
16. ڏِسُ ڪاٽي کان، اک ڪاٽي چگّي.
17. ڏک کان سواءِ، سک نہ تو ملي.
18. ڏکڻ مينهن نہ وسڻا، جي وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڏک نہ هٽڻا، جي هٽي تہ جهوري.
19. ڏمرجي ڏيهه ڏٽي، چاجا (منهه يا گهر) چڏائي.
20. ڏنون، ٻنون آهي.
21. ڏني جو پٽ چٽو.

22. ڏيڻ سپ چڱو، بچڙي هڪڙي گار، وٺڻ سپ بچڙو، چڱي هڪڙي دل.
23. ڏيڻ ڏيهه چڏڻ، ڏيهي چڏڻ (بت يا جسم) ٽيئي اهنجا.
24. ڏئي جي پٽ ۾ اوندهه.

ڊ

1. ڊچ تنهين جي ڊاءِ، جنهنجي وائيءَ (زبان) ۾ ور گهٽا.
2. ڊججي تنهن جي ڊاءِ، جو پرينءَ پر بيهي گاريون ڏئي.
3. ڊججي تنهن جي ڊاءِ، جو ڪ تي چڙهي گاريون ڏئي.
4. ڊججي تنهن پيئي، جو منهن تي ڪوڙ ڳالهائي.
5. ڊني واٽئي، مور نه لاڀ.

ڍ

1. ڍائو ڪنهي پيٽ تيسي بکئي وجي ساهه.

ر

1. رات توري، سات گهٽا.
2. راتيان ڪائي ڪچٽي، ڏينهان ڪائي پلاءُ، جاٽي هيڪ الله، صابو ڪوري سيد ٽيو.
3. راجا ڪري سو نياءُ، ڊارو پوي سو داءُ.
4. راڪي رام ته ماري ڪون.
5. راٽي سا، جا راءِ ڪي وٽي.
6. راؤري (راجا جي) گهران گهه جهلجي پاند ۾.
7. رت ڏسي، رُمي هٽجي.
8. رڌي ڪني به يا نصيب.
9. رڍ اڳيان رباب، وجائيندي ورهه ٽيا.
10. رڍ متي ۾ سور سان، ڏنائون صدقو.
11. رڙا ڪين رجهن توڙي ٻارڻ هئن به پڙا.
12. رڪ جا چٽا آندا قاڙين.
13. رن پٽ ڪي لڳي ياڳ، ته ڏئي جواري يت ڪي داڳ/ داغ.
14. رن پٽ ريدار، ڪان هٽي بند ۾.
15. رن چشڪي هري، رکي آرت وار.
16. رنان مڪر زنان تتر تار ڪن رڏيون پڪيون ڪونجڙيون اُڏائي ڏين.
17. رٽي (قرض) ۽ رائر (ڍل) جو سڏ جنهين ڪي هوءِ منجي اُتي جوءِ وجي تنهين ڪي وسري.

18. روپ (شڪل) روئي ڪرم (نصيب) ڪائي.
19. روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا.
20. رهي راهوجين (راهوجا ڳوٺ جو نالو) ڀهي باهوجين (باهوجا ڳوٺ جو نالو) ، ڪتي ڪنئريجن (قوم جو نالو) جي.

ز

2. زالان ڏاوڻ (وهنجڻ)، مردان ڪاوڻ.
3. زر بسيار، تہ عشق نہ پهہ.
4. زر خرچ تہ امير ٿئين، امير ٿئين تہ زر بسيار.

س

1. ساريءَ هٿڻ پتر.
2. ساسرا (ساهرا) سک واسرا دو دن ڪا آسرا.
3. سائي ڪي سهي ڪو نہ، ٻڪئي ڪي ڏئي ڪو نہ.
4. سبر (طاقت وارو) سان سيئن (حد يا ڏنگ) ڪبي ڪيئن چوندو جيئن ٿيندو تيئن.
5. سيڪا ٻڪري، پنهنجي پائي ٽنگبي.
6. سيڪو، پنهنجي هٿيءَ جو هوڪو ڏيندو.
7. ست ڪُوا ڪائي ٻلي، حج چڙهي.
8. سُتن جون پاڏا ڇٽين.
9. سَتِيا جا ٻيڙا سائين سُتڙ.
10. ستي ٻلي، ڪوئا ڪين ماري.
11. ستي شينهن ڪي، آڱر نہ ڏجي.
12. ستي لڪڙن ڪان موٽي تہ ڪتن هاب ٿئي.
13. ستي سڏائي لنڊي ٿي ڪائي.
14. ستين لنگهٽين، ڪتو بہ حلال آ.
15. سٿ نہ موڙهو ڪپاهہ موڙهي.
16. سپ نہ ماري سپ جو سراپ (اصل بددعا ڪي چئجي پر هت معنيٰ آهي پرم/ سنسو) ماري.
17. سپتيو ماٺهو پرائي مال ۾ پائيوار.
18. سپهو نہ وسهو، وسهو تہ مسهو.
19. سچ، بہ پاچا.
20. سچ لٿي ڪان پوءِ، دير ڪانهين، ڦُرئي ڪان پوءِ، پۆ ڪونهين.
21. سجن پيتان وڍيا، وڍين پيتان سڄا.
22. سڄڻ سڄي پانهن ڏئي تہ سڄي نہ ڳيهجي.
23. سُڄا عاشق، پيتو دي آچار.
24. سچ سير، ڪاري ٻڪري اڇو کير.

25. سچ مرچان ڪوڙ کِڙ، پير پئسا جوءِ کُرُ.
26. سچ تہ بيٺو نچ.
27. سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، پر ڪڏهين نہ ٻڏي.
28. سخيءَ کان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب.
29. سر وڃي ڪان پوءِ سچ ايري تہ ڇا نہ ايري تہ ڇا.
30. سر (راز يا ڳجھ) ڏجي پر سر نہ ڏجي.
31. سِر سِر ڪلا.
32. سرمو سيکو پائي، پر اک جو قير.
33. سڙئي گهوڙي ۽ پٽيل ماڻهو مان ڪين ٿئي.
34. سڪن ڳڏ آلا بہ ٻريو وڃن.
35. سک تور (سوڪ) کان ٻڏ تور (ٻوڏ، پاڻي جو غلبو) چڱو.
36. سکو ڪاٺ بہ پاسا پيچي.
37. سڪٽي ڪني، گهٽو ايامي.
38. سڳا سيئي سيڻ جني پکا اوڏڙا.
39. سلو سو جو انگورين ڀلو.
40. سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي.
41. سو چور ئي نہ ڇئجي جو پنهنجو جوٽيت نہ سڃاڻي.
42. سوٽي هئي ساڻ تہ ڳڏھ گوهي نہ ڪري
43. سوڍن مڙن سوءِ تہ بہ مت نہ پانئجي مئندري.
44. سور پوي سانيءَ کي ڏنيجي ڳڏھ.
45. سوراٺڻ سور اڻ-سوراٺ سان اوريو، هنجو پنجهر نہ ٻريو هوءَ وجي ٿي وهلور، پراپائين پور اڳي کان بي اڳرو.
46. سوڙهيءَ سياندري وهنوار نہ ڪجي.
47. سومر گهٽو ئي سڦرو پر پنيان اڳارو ٻچڙو.
48. سون پرکجي کسوٽيءَ ريو پرکجي باھ ماڻهو تڏهين پرکجي جڏهين ڪي ڳالهاءِ.
49. سوناري جو سؤ ڏکن، لهار جو هڪڙو.
50. سهسين ڪري سينگار، تہ بہ کودڙيءَ پٽ کودڙو.
51. سهڻان تہ توھ بہ پٽن ۾ پيا آهن.
52. سهي تنگون ٿي چوٿين نهيئي نہ.
53. سي اڍائي سي ساڍا بہ.
54. سياري سيءُ پوي آرڙھ ۾ آرائيون، سند ڪنهين ۾ ڪو نہ ڪو ڪنهنکي ساراهيون.
55. سياري جي سوڙ، سيکو پاڻ ڏي سيري.
56. سياري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي باھ، اونهاري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي چاھ.
57. سياٽي اڳيان رئڻ، اکين جو زيان.
58. سيرو ڪاڏو، پاتل قاتي.
59. سيءَ ۾ ڳڏھ جا آتر بہ پيارا.

ش

1. شادي ڪان وڏي نيڪيتي.
2. شڪر ڪر صحيح ته توئي سان توهه ٿئي.
3. شينهن اڳيان لڪڙي اڇلڻ سولي، پر وري ڪٽڻ اولي.
4. شينهن نه ڏيکيا ته ڏيک ٻلاڙا، چور نه ڏيکيا ته ڏيک سونارا.
5. شينهن وڙهندي، ٻوڙن جوڪو.

ص

1. صبر جني جو سيگ، تير نه ڳسي تن جو.
2. صرفو ڪرين، ته پَٽُ هنداءِ.
3. صلاحين شينهن ٻجهن، ڪم ڪرهين (جهيڙن سان) نه ٿئي.

ض

1. ضرور ڪي سپ روا آهي.

ط

1. طمع سندو طس، پريو پرجي ڪينڪي.

ظ

1. ظلم قائم آهي پر ڪندڙ قائم نه آهي.

ع

1. عشق نه ڏسي ذات، نه ڏسي ڪذات.
2. عقل ريءَ عذاب، گهٽان پسندينءَ جندڙي.
3. عقل، اهيرن جو ڏريون ئي ويو، مگّائن هڪڙو پرٽائن ٻيو.
4. عقل ۽ سونهن ڪنهن ڪي نه سڪايو آهي.
5. علت وڃي عادت نه وڃي.
6. عيسيٰ نه موسيٰ ٻڙا پير پئسا.

غ

1. غريب جي جوءِ، ڏيھ جي ڀاڄائي.
2. غيب گدو چوي خبر خاوند کي.

ق

1. قاضي ڄاٽي، سنديس قيامت ڄاٽي.
2. قرض جهڙو ٻيو مرض ڪونهين.
3. قرض، ڪوڙھ جو ٽڪو آهي.
4. قوت ٿوري آڪڙ بهت، مار کاوڻ دي نشاني.

ڪ

1. ڪاتي ڪچ، ڪاتي ڪوھيارو.
2. ڪاٺ ڪٺو، واڍو چٺو.
3. ڪانيءَ ڪانيءَ لچ (لڇمي/ بخت).
4. ڪا جا ڪيتيس ڪن وچ ڳالھ، هر ڪو وتي آڪڙ نال.
5. ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار.
6. ڪارو ويهي ڪمري وٽ تہ ورن نہ مٽائي تہ عادت مٽائي ئي مٽائي.
7. ڪالهوٽي ڪاله گئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو، جنهن ۾ ماڻ پيو سا، راھ رهندي ڪيترو.
8. ڪانياري ٻلي ڪئي جي جوءِ.
9. ڪاٽيءَ جي ڪرم ۾ وگهن ئي وڏا.
10. ڪاٽي وسوڙي، چئي تہ مڙسم ويو آهي اڪ کي.
11. ڪاٽيءَ جي وهانوَ ۾ سنگت گهٽا.
12. ڪَتِمَ سي جمار تہ پاندي پوري نہ ٿئي.
13. ڪتو بہ ان کي ڏاڙهي، موچڙا بہ ان کي لڳن.
14. ڪتو ڇا ڄاٽي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
15. ڪُتو بہ ڪاڻو، ڪک بہ نہ پري.
16. ڪتو، ڪڙم جو ويري.
17. ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٽوڙهي سان ٽپائجي، ساڌو ۽ سپاٽ، ويهارجي وچ ۾.
18. ڪتي ڪن وڍيا.
19. ڪتي ڪن وڍيا ٿيو شڪاري.
20. ڪتي جا ڏند، ڳڏھ جو ماس.
21. ڪتيءَ کي ڪنهن اُماڙي ڏني هئي سا تارا ڏسي ٿي ڏني.
22. ڪتي جو پڇ، ٻارھ مهينا نڙ ۾ وجهجي تہ بہ سنئون نہ ٿئي.
23. ڪتي جو ڪارو منهن رب اوتري جي اوتري.
24. ڪتي چور سُڄا، ڪتي ڍور سُڄا.

25. ڪجريءَ جو يار، بحريءَ جو شڪار، سدا خوار.
26. ڪچيءَ ڪنان نہ وريا تہ پڪيءَ چا ورندا.
27. ڪچي وزيران ٿئي نڙڪو نڪران.
28. ڪچان تہ مسان، نہ ڪچان تہ پيئي لچان.
29. ڪڏهين پريءَ ۾ تہ ڪڏهين پاڪر ۾.
30. ڪڏهين ماٿي مَٿ تي، ڪڏهين ماٿيءَ مٿان مَٿُ.
31. ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙه مقام ۾، واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
32. ڪڍي ڪاڍارا ڏئي اڏارا.
33. ڪرند پسند، ڏيند لهند.
34. ڪڏهن درياه ٽپيو وڃي، ڪڏهن پاٽيءَ پاٽ ۾ ٻڏيو پوي. ورجيس452
35. ڪرم-هيڻ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.
36. ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪنڌ ڪائي.
37. ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا ٽڪر ڪائي.
38. ڪشيئي نہ ڪمان، پڙيئي نہ ضمان، ٽپيئي نہ ڪوها، رهيئي نہ جوئا.
39. ڪک جو چور، سو لک جو چور.
40. ڪک هيٺ لک پيو آهي.
41. ڪڪان ڪوڙي باھ، غلامان دوستي، يار نہ ڪجي ڏوم پيادا پوستي.
42. ڪم لٿو، ڊڪڻ وسريو.
43. ڪم نہ هئي تہ رائيسا گهر گهمجن.
44. ڪم پئي، ڪل پوي.
45. ڪم پرين سيڪو آھ، چم پرين ڪو نہ آهي.
46. ڪميٽو ڪپڙا ڪري ڏسي پنهنجو ڏيل، ڏسي پنهنجي ڏيل ڪي ڊوڙائي دليل.
47. ڪماليت سان زواليت شامل آهي.
48. ڪنير جي گهر ۾ سڀي ڊڪٽي نہ ليي.
49. ڪندو لڳو گوڏي ۾ نڙگهٽ ڪيو نڪاءُ.
50. ڪنڌيون ڏور قنڌارئون ڏور.
51. ڪنگ ڪي لڙ ۾ مزو.
52. ڪانگ ڪي لڙ ۾ ڳڙ.
53. ڪنگر ۾ ڪپڙا پڙي مبارڪ.
54. ڪني ماضي من ۾، ڪني استقبال، حيف تن جي حال، جن وساريو حال ڪي.
55. ڪنيءَ رن جا، ٻار جئن ٽورا تئن چڱا.
56. ڪني آگَر وڍي چڱي.
57. ڪنهن جي ماني ڪري نہ مور، ڪنهنجو ٽڪر ٽو ٽيٽا ڪري.
58. ڪنهن ڦٽ سان ملڪ چڏيو ڪنهن نڪ وڍئي ه نہ چڏيو.
59. ڪٽڪ ڪڍي ٻھ ڪي ڏجي باھ.
60. ڪوڏي حرام، ٻجڪو حلال.
61. ڪوري ڪڏ ڪٽي اُن ۾ پاڻ پوي.

62. ڪوري پلوين نہ پائجي.
63. ڪوڙ، چمار جي ڪتر آهي.
64. ڪوڙ جو مثلو، ڪوڙ.
65. ڪوڙهيو ڪتو ڪنهن ڏاران نہ رهي.
66. ڪوڙي جي ڊوڙ، ڪُڌَ تائين.
67. ڪوڙي سڄڻ کان سچو ويري چڱو.
68. ڪوڙو ڪائجي مني جي لالچ تي.
69. ڪوسا ناوي ٿڌا ڪاوي تہ ويج پاس مور نہ جاوي.
70. ڪوسو پاڻي ڪک نہ ساڙي.
71. ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتا شا پيوي.
72. ڪهڙيءَ سيڪو ڪهي پر ڪرو ڪو رهڻيءَ رهي.
73. ڪهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي.
74. ڪي رني هئي، ڪي آيس پيڪو ماڻهو.
75. ڪي ڪوڏر ڪمايو ڪي کهاڙي وليو تہ گهر سهيرو (سڪيو) هليو.
76. ڪيليءَ ڪي ڪڻ، هاٿيءَ ڪي مڻ.

ک

1. کاڌي کوھ کٽيو وڃن.
2. کاڌي کي کامن، چاڙيون چاموڻن جون.
3. کاٽي کچڻي، اونڌا طباق.
4. کائجي دل پسند هنڍائجي لوڪ پسند.
5. کٽو سلامت تہ پريون جهجهيون.
6. کُٽي ڏاڙهي، هٿ نہ اچي.
7. کُٽو واٽيو، وهيون سنيالي.
8. کٽيو کائي مڙس جو، ڇٽي ڄِٽي ابو. يا کائي پيئي پي جو ڇي ڄِٽي ابو.
9. کٽيو تو تان گهوريو، وڃائڻ م مور.
10. کٽيو کائي فقير، لنيون جهلي پولڙو.
11. کٽي مور نہ آيو، ڇي رڻ ۾ قريس.
12. کٽي آيو خان، اُگهاڙياس ڳئي.
13. کچڻي کانهي جا کائي ونبي.
14. کدڙن پٽ ڇٽيا تہ هوند زالن مڙس ئي کين کيا.
15. کڌ ڇي جيءُ سڌ.
16. کرُ ماڻهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهي ڏينهن کٽن.
17. کڻ کلو، ٽيئي پلو.
18. کوهي کمڻ جي نالو نارائڻ جو.
19. کيتي، سر سيتي.

20. کير جو ڪاٽل، جهڻ ڦوڪي پئي.
21. کير ۽ کنڊ نور ۾ نور، جواني ۽ مايا پور ۾ پور، پنڌ ۽ بار سور ۾ سور.

گ

1. گابي وانگي چٽ تہ چٽيانءِ.
2. گدرو ڪري ڪاتيءَ تي تہ بہ گدري جوکو، جي ڪاتي ڪري گدري تي تہ بہ گدري جوکو.
3. گدري جي چور ڪي بہ لپاتون.
4. گدڙ جي گونهہ ۾ ڪم پئي تہ وجي ڏر ۾ لڪي.
5. گدڙ ڏاک نہ پڄي آکي ٿو کٽا.
6. گدڙ ڏاک نہ پڄي آکي ٿو ڪؤڙي، ناچو نچ نہ ڄاڻي آکي پون سوڙهي.
7. گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي.
8. گڏهہ پنهنجي سانوٽي هينگن ۾ وڃائي.
9. گڏهہ کي ڪڏهين گابو جائو آهي.
10. گڏهہ کي تو گج پارائي.
11. گڏهہ چا ڄاڻي، گيهرن مان.
12. گڏهہ بہ ڪڏهن گج پاتو؟
13. گڏهہ جو چا وس، جو ٻيڙي ۾ نہ چڙهي.
14. گڏهہ مان لت يا ٽوٽي (اِٽ).
15. گڏي اڏجي، يا لڏي چڏجي.
16. گذري ڪون ياد نہ ڪرنا، جا گذري سا چؤڪي.
17. گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي ڪيا مڪان.
18. گرمي چڏي جهڻ ڪنگر سان، سردي چڏي زر ڪنگر سان.
19. گگر گگر پندا اڙيا.
20. گنجو ڪنهڻ ڪان نہ رهي.
21. گنجي جي متي ۾، جونءَ نہ ليک.
22. گولاڙو ڳيان پچي.
23. گونهہ گونهہ سان نہ ڏوپي نيٺ پاڻيءَ سان ڏوپي.
24. گِهہ پوندي بہ ڪو متو سڙي.
25. گهپي نڪرن مان پاڻي سڪائي.
26. گهَگير گهوڙو پيتر ماڻهو، مهل ۾ ڪم نہ اچن.

ڳ

1. ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ.
2. ڳڙ جاٽي ڳڙ جي ڳوتري جاٽي.
3. ڳڙ سان مري تنهن کي زهر ڇو ڏجي.
4. ڳوٺ سئين سا وهانو سئين.

گھ

1. گهتو ڏاريم اُن کي هٿان چري ڪپاھ.
2. گهر جو پير، چلھ جو مارنگ.
3. گهر ۾ ڪڏ هجي تہ ٻاهر ٻُهر ڇو اُڇلجي.
4. گهر ۾ غرقي بہ نہ نهي ٻاهر دم هٽي نوڙهي جو.
5. گهر ۾ بہ گهر ڪاٺو، ٻاهر بہ گهر ڪاٺو.
6. گهڻ پيٽاري (حصن واري) ٻڪري (پوک)، ڪائي ويئي جهار.
7. گهٽن کي سمر هڪڙي کي پري.
8. گهٽن ڪنئين، ڇپر ڪجي پوي.
9. گهٽين ڙالين گهر نہ هلي، گهٽي مڙسين هر نہ هلي.
10. گهٽي ڪاڏي ڪان گهٽو ڏنو چڱو.
11. گهٽيءَ ڪٽيءَ ڪان مور ياد ئي نہ.
12. گهوٽ ماءُ ڪان اهنئر ماءُ تڪڙي.
13. گهوٽ ڪنؤار راضي تہ ڪوھ ڪندو قاضي.
14. گهوڙا ۽ پٽ، ملا ۽ پيٽ، هو ڪشيا تان رسيا هو نيان تان ڇٽ.

ل

1. لاڙ جو ماٺهو، اتر جو ڍڳو.
2. ليي لوٽڪ بہ نہ، سڌون ڪري مريڙي کي.
3. لتر کي چڪر پڃي.
4. لڄا تان، لک بہ قربان.
5. لڄان چوران پت نہ ڪائي توڙي هوون سڀئي پائي.
6. لڇمي وڃي، تڏهين لڇڻ بہ وڃن.
7. لڏ بہ ڏي لڏاٽي بہ ڏي.
8. لڙهندو گدرو پترن نميا رت.
9. لک ڪٽيا ڏومڻي (لنگهياٽي) جو ڏوم (لنگهو) سلامت آيو.
10. لکُ مري، شال لکپال نہ مري.
11. لکي لکانو واڇي الانو.

12. لڪئي مان لِڪَ (ڏرو) نڪو لاهي نڪو پائي.
13. لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.
14. لڳٽيون لُهارن ڪي، چڏن ۾ چٽڪون.
15. لنگهن پنهنجو وهانءُ.
16. لنگهو چڙي مگن ڪان اُهيئي مگ.
17. لنگهي لاٽي لوئي ته ڪيا ڪريگا ڪوئي.
18. لوڀ، سيني پاپن جي پاڙ آهه.
19. لوڀ ڇڏ ۽ سون منين سان ورهاءِ.
20. لوپيءَ سندي راڄ ۾، نوڳي مري نه بک.
21. لوچ ته لهين لال ڪي ڏور ته پويئي ڏس.
22. لولو چوي اسين حج وجون، ڪانگ چوي اسين موئا آهيون ڇا.
23. لوڻ وجهي پت پائيوار ٿيو.
24. لهي لوهه به نه چي منهنجو نانءُ سون بائي.

م

1. مارائي اڇجي، ماري نه اڇجي.
2. ماڇي ته ناڇي.
3. مادي ڪڪڙ به ڪڏهين بانگ ڏني.
4. مارجي ته مير نه ته چاڪر ڇا چڪائجن.
5. مارڻ واري ڪان رکڻ وارو اوڏو آهي.
6. مارئي ڪان پڏايو چڱو آهي.
7. ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير.
8. مالڪ وجن بيڙيءَ چڙهيا، شاهد وجن غوطا کائيندا.
9. ماڻهو ٻنيهه- لڇٽون، موچڙو چنيهه- لڇٽون.
10. ماڻهو سڀ چڱا پر ڪي ڪِن سان، ڪي ڪن سان.
11. ماڻهو سڀ نه سهڻا پڪي سڀ نه هنجهه ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.
12. ماءُ جٽيندي پٽڙي، پاڳ نه ڏيندي وند.
13. ماءُ مري رکي سڪي ڏيءُ دا نالا ڏهي.
14. ماءُ جي ليکي پٽ ڪٽڻ ويو آهي پر بندرابن ۾ ٽنگيو پيو آهي.
15. مڇ چوپٽي به ڪو پيٽ پرجي.
16. محبتي مڙن ته ٽن لوڪن ۾ لَڪ پوي.
17. مد (شراب) پيوڻ، ذات پرڪائڻ.
18. مرد جي ڪٽي، زال جي ڪيوٽي (سهيڙ/ سنيپال).
19. مرد مري مانَ ڪي، گاندو مري نان ڪي.
20. مردو نرڳ وجي توڙي سرڳ وجي.
21. مرسان مرسان ته به ڊپ نه چرسان.

22. مرض اچي گهوڙي وانگيان، وڃي جونءِ وانگيان.
23. مروان موت، ملوڪان شڪار.
24. مري نہ ميهار تہ وڳ ولهو ئي نہ ٿئي.
25. مڙس جو پاهوڙين سان ميڙي آٽڻ، زال جو سئي سان ڪوٽي ڪيڻ.
26. مر سين سڄاٽا ٻئي ٽنگون ڪاٺ ۾ کھ سين اجاٽا هنيون هندوري لوڏيو.
27. مُڙيا سي جُڙيا.
28. مغلن آئي فارسي وسري ويندي آهي.
29. مڱڻ ڏاندي ڪارڙي ٽانڊي، مڱ پڇي ڪارڙو نڇي، مڱ لئو ڪارڙو مئو.
30. مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾.
31. ملڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي.
32. مُلو مئو، مهابو لٿو.
33. ملو چور، ٻانگو گواهہ.
34. منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي.
35. منهن ڪنئرائي، ڳِنا پٽائي.
36. موئا پر، پٽجن هيلهہ.
37. موئا آهن، جِئرن جي وس.
38. موئا بہ ڪڏهين مسڻ مان موٽيا آهن.
39. موتيو اُتي مار، جا تي پاٽي هئي تار.
40. مور چڳو پر سندس پير ونگا.
41. موڳو پنهنجي مانيءَ مان پيٽ پري ڪائي، وڃي وهِي مجلس ۾ تہ سيني سهائي، چريو ڳالهائي تہ بہ بختاور بودلو.
42. مئي کي مارڻ، سورِهَ جي ڳلا.
43. ميان مري تہ بہ حلوو ڪائٹو، بي بي مري تہ بہ حلوو ڪائٹو.
44. ميان جي مڏي، بہ ڏنڊ ٽين تڏي.
45. مينهن مڇي تہ هوريان هلي، رڍ مڇي تہ دڙيون ٽپي.
46. ميون ڳور (قبر) لائق بي بي سيج لائق.
47. مينهن ڏارڻ سولي آهہ پر ڪرو ڪو نينهن (سنپال/ آڳو پيڇو) ڏاري.
48. ميوو، سيڪو منڌائتو منو.
49. ميهر مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت.

ن

1. نہ اوڏو ڪا لينا، نہ ماڌو ڪا دينا.
2. نہ ڏجي تہ ڏڪوئجي بہ نہ.
3. نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي.
4. نہ ست نہ ڪپاهہ ڪورين ۾ لنيون ڏڪا.
5. نہ ڪَتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.
6. نہ ڪنهن جي ڪتي کي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پَٽُ پرائجي (ڦاڙائجي).

7. نانگ کي کير پيار ٻو تہ بہ هن جو وھ کين گهٽندو.
8. نانگ ريجهائڻ سولو پر ڪرو ڪو ڳوھ ريجهائي.
9. نانگلي (قسم ان جو) نہ پرٽي ڪم اچي نہ مرٽي ڪم اچي.
10. ناني رڏڻ واري، ڏوهتا ڪائڻ وارا.
11. ناٽان گهوريا سرن تان، سر گهوريا شرمن تان.
12. ناٽو ڏجي آڪرو تہ ڳِهہ چو ونجي ٻاڪرو.
13. ناٽو سو جو ڳنڍي، ٻاٽي سا جا ڪنٽ.
14. ناٽو جهڙي تاو سان گهڙجي تهڙي تاو سان نکري.
15. ناٽو، نَرَ چُتو ڪري.
16. ناڻ چڙهيو واپاري ڪتي ڪائي، ناڻ چڙهيو چور قاهي چڙهي.
17. ناڻُ بڙا ديھ بيران/ ويران.
18. نچڻ پيني تہ گهونگهٽ ڪيها.
19. نڌٽڪا گهوڙا، گڏباٽا هسوار.
20. نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا پارڻ پوء پيا.
21. نڪي دہگرن مال ميڙيو، نڪي سرهيا بک موئا.
22. نٽڙو پار مڇ جو وار، جيئن ورائجي تيئن وري.
23. نٽڙي نہ ڏيک، وڏي دؤل اتي.
24. ننڍي مري نہ مايڙي ہڍي مري نہ جوء، ڪنت چوڙيليء نا مري مت جهٽڪ وهيٽي هوء.
25. ننڍي وات مان، وڏو ويڻ نہ ڪڍجي.
26. نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪتا لاهي دونهيون ٻاريون.
27. نُهن سان ڇجي تہ ڪاتي چو وجهجي.
28. نئن بہ تکي ڳڙ بہ منو.
29. نئين سنياسڻ، چيلھ ۾ جٽائون.
30. نئين ڪنوار، نو ڏينهن.
31. نيچ نوڪري، اُتم کيتي، وڏندو واپار.
32. نيڪي برباد، گناھ لازم.
33. نيم طبيب خطره جان، نيم ملا خطره ايمان.

و

1. وات جي پلاوَ کي، ڳِهہ جو کهڙو صرفو.
2. واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽون بہ نہ ڪاڇي.
3. وارا، جمارا آهن.
4. واڳڻ ڪِن کي وائي، ڪن کي پيٽي.
5. واٽيون پنج نہ سهي پنجاھ سهي.
6. واهڻ جو واٽيون تهڙو ڍوري جو پاٽي.
7. واء جبل اُڏائين تنهن جي اڳيان ڪپاھ ڇا آهي.

8. وچ ڪڏي ڪيري آهر. يا وچ ڪڏي توٽيءَ آهر.
9. وَچ ڪير ڏئي تہ مينهن چو ڏارجي.
10. وڏي ٻاڪهي، ڪي وڏي ڏيٽس.
11. وڙهن سپاهي، پڏائجن سردار.
12. وس ڪرڻ مون واڪا ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.
13. وسي تہ بہ ڏٻري گسي، نہ وسي تہ بہ ڏٻري گسي.
14. وقت پڙي ٻانڪا (ڏنگو/ خراب)، ڪهيئي ڳڏهہ کو ڪاڪا.
15. ونڊ ڪائي، سک پائي.
16. وٽجن ٻير ڪائجن ڊاڪون، تن گهرن جون ڪهڙيون ساڪون.
17. وه وٽجي سو وه مان ڪائي.
18. وهندو ٻير ٻوڙ بہ چڱو، ٻينل تارِ بہ نہ چڱو.
19. وِهي درياءَ پر تي وير وجهي واگهوءَ سان.
20. وير وير واڏائي بہ ورچائي.
21. ويري هڪڙو بہ گهڻو، سڄڻ هزار بہ تورا.
22. ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وَهي چو وجائي.
23. ويئي سڱن کي ڪن بہ وڃائي آئي.
24. ويئي تٽ ٻانيڻ بہ نہ واڇي.

ه

1. هاٿي جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ وارا ٻيا.
2. هار ماني تہ جهڳڙا ٽوٽا.
3. هارياري جي هير تنگ پڳي بہ نہ رهي.
4. هارئي ڪان، پيتو پلو آهي.
5. هاسي (ڪل/ مسخري)، ڪره جي ماسي.
6. هاٿوڪا جوان ڪاتيءَ جا مياڻ، ڏڪو ڏجي ٻئي کي تہ ڪري پون پاڻ.
7. هٿ جنين جو هنئن پهرين پتڻ سي لنگهن.
8. هٿ ڪنگڻ کي آرسيءَ جو کپ ڪهڙو.
9. هٿن سان هاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي.
10. هٿ (ٻت) سهائيندو ڪائجي لوڪ سهائيندو پهرجي.
11. هجيئي ناٿو تہ گهر لاڙڪاٿو، نہ تہ وت ويڳاٿو.
12. هر ٻول وچ ۾ قولهہ.
13. هر هالا منهن ڪالا.
14. هر هر هورائي (هلڪائي) وڃڻ در دوسن جي.
15. هرٽي اڳيئي نچٽي، ويتر پئس گهنڊٽي.
16. هڙ ٻي گاسو (هرج/ نقصان)، لوڪ ٻي تماشو.
17. هڙ سڪٽي، لوڏ گهٽي.

18. هڙ ۾ تماڪ تہ جهنگ مڙيوئي دائرو.
19. هڙ ۾ هريڙون، گوڏ ۾ پتاشا.
20. هسٽو جوڳي پڏٽي نار گد کهي اهي ٻئي مار.
21. هک سچ ٻہ پاچا.
22. هک تنگي جي ملک ۾ وججي تہ ٻي تنگ کري لکائجي.
23. هکڙو هٿ کير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.
24. هکڙو چوي ٻيو مڃي، تنهنجو پورهيو ڏٽي نہ پچي.
25. هکڙي مار، ٻي جهينگار.
26. هگ سهانگي تہ ٻہ کا ٻاٽ ۾ گهوربي.
27. همتِ مردان، مدد خدا.
28. هنجهہ نہ ميرو وت جاسين جيئين ڏينهڙا، جيءُ نہ جنجل گهت سرُ تان سَرَ (تلاءَ) کيترا.
29. هنجهن سان حرص کري اڏاٽي چڙي، چٽو هوس چهنب ۾، سو ٻہ پيس کري.
30. هند ڏسي، هاسي کجي.
31. هندي اُيامندي تہ پنهنجا ڪَنان کائيندي.
32. هنر واري جو هنر، ٻي هنر جي ڄند.
33. هڻ ڏيءُ کي، سکي ننهن.
34. هٽن کين حمير کائن ٻاٽ پلاءَ جي.
35. هو ساڻ ئي نہ نين، هيءُ ڏاند چڙهندي.
36. هو سوڙ پاند ٻہ نہ ڏين، هيءُ وچ سمهندي.
37. هيانو تتي کان ڪڙي تتي چڱي.
38. هيري جي پرک مان چا ڄاڻي شيشگر.
39. هيٺي کي نہ هٽي سو هٽن ۾ لهي.

ي

1. يا تہ دريا تري وجي يا تہ اڏ تي ٻيهي رهي.
2. يار اهو جو اوکيءُ ۾ کم اچي.
3. يار ٻي تيلي (تيل وکٽنڊڙ يا چاکي)، سينڌ ٻي ميلي.
4. يار جن کي ياد سي ياد هميشه يار کي.

پورو ٿيو